صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽيفڪيشن

ڪراچي ۲۸، مئي ۲۰۱۴

سنڌ صوبي جي موٽرگاڏين جو (ترميم) بل ۲۰۱۴ ،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ۳۱، مارچ ۲۰۱۴ تي پاس ڪيو ويو ۽ گورنر سنڌ ۲۲ مئي ۲۰۱۴ تي منظوري ڏني،جنهن کي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو

# سنڌ صوبي جي موٽرگاڏين جو (ترميم) ايڪٽ، ۲۰۱۴

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII، مجريه ۲۰۱۴

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي جي موٽر گاڏين ( Provincial Motor Vehicles Ordinance) بابت حڪم نامي (Ordinance) ۱۹٦۵ کي بدلايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پراونشل موٽر وهيڪل آرڊيننس 1965 کي تبديل ڪرڻ ضروري ڇاتو ٿو وڃي.

ان ڪري انهيءَ کي هن ريت جوڙيو پيو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي پراونشل موٽر وهيڪلس (اميندمينٽ) ايڪٽ، ۲۰۱۴ (The Provincial Motor Vehicles (Amendment) Act, 2014) چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

اولهه پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريه 1965 جي دفعه 2 جي

2. ۱۹٦۵ع واري صوبائي موٽر گاڏين واري حڪم نامي (Ordinance) جنهن کي هن کانپوءِ ساڳيو حڪم نامو(Ordinance) ئي چيو ويندو، ان جي دفعه 2 جي شق (23)۾ لفظ ٽرالر (trailer) کانپوءِ ڪمبائينڊ هارويسٽر (combined harvester) "لاباري جي

مشين”، فورڪ لفٽر(fork lifter) “نندو ٽرالر”، روڊ رولر ( road roller)“روڊ سنوت ڪندڙ مشين”، “تعمير ڪندڙ” ۽ مٽي هٽائيندڙ مشينون جهڙوڪ ويل لوڊر (wheel loader)، ڊمپر (dumper)، ڪرين (crane)، کوٽائي ڪندڙ (excavator)، گريڊر (grader)، ڊوزر (dozer)، پائيپ ليئر (pipe layer)، روڊ ٺاهيندڙ ۽ روڊ يا ناليون صاف ڪندڙ پلانٽ لفظ وڌا ويندا.

تبديلي.
Amendment of section 2 of West Pakistan Ordinance No XIX of 1965

3. تبديلي هيٺ آيل حڪم نامي (Ordinance) جي دفعه 8 جي شق (g) بعد هي شامل ڪيو ويندو.

”(g-i) dumper پٺتي پاڏو بار لاهيندڙ لاري

(g-ii) trailer ٽرالر

(g-iii) bulldozer روڊ سنوت ڪندڙ مشين

(g-iv) Crane ڪرين

(g-v) excavator کوٽائي ڪندڙ مشين

(g-vi) grader درجه بندي ڪندڙ مشين

اولهه پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريه 1965 جي دفعه 8 جي تبديلي
Amendment of section 8 of West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

4. تبديليءَ هيٺ آندل حڪم نامي جي دفعه 45 ۾ هي اضافو ڪيو ويندو:-

“ 45-A . اسٽيج ڪيريز تي ضابطي رکڻ جو اختيار ( Power to regulate stage carriages)”.

(1) مقرر ڪيل رستي (route) يا علائقي ۾ اسٽيج ڪيريز تي سرڪار ضابطو رکندي ته جيئن:

(الف) گنجان ٽريفڪ ڪي گهٽائي سگهجي.

(ب) عوام ڪي لائق، مناسب، بهتر، بي خطر، سستي قسم وارو

اولهه پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريه 1965 ۾ نئين دفعه 45 A-جو اضافو.
Insertion of new section 45-A in West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965

روڊن تي آمد رفت جو طريقو مهيا ڪيو وڃي.

(ت) عورتن، معذورن ۽ بزرگ شهرين لاءِ گاڏين ۾ ويهڻ جو مناسب بندوبست رکيو وڃي.

(ث) آمد رفت (transportation) جي طريقي لاءِ ٻي ڪا به ضرورت پوري ڪئي وڃي، مقرر وقت ۾ جاچ پڙتال ڪئي وڃي ته جيئن هي سڀ يا ڪجهه طئي ٿي سگهي ته:

(i) اهي روڊ رستا (routes) جن تي گاڏيون هلن ٿيون، تن کي ڪيئن پاڻ ۾ جوڙيو وڃي، يا مقرر ڪيو وڃي؛

(ii) ته ڪهڙي قسم جي روڊ- گاڏي (ان جي نوعيت، نموني، مسافرن ويهارڻ جي گنجائش، ڪوائليٽي ۽ چمار) مقرر رستي تي هلندي.

(iii) ڪنهن مقرر رستي لاءِ ڪيتري تعداد ۾ گاڏين هلائڻ جا اجازت ناما ڏنا وڃن.

(iv) ته ڪهڙا اپاءُ ورتا وڃن جو ماحولياتي گدلاڻ ۽ گاڏين جي گنجان آمدرفت کي گهٽايو وڃي يا ضابطي ۾ رکيو وڃي.

(v) ته روڊن رستن جو بچاءُ ۽ مستقبل ۾ انهن جي وڌاري واريون ضرورتون ڪهڙيون ۽ ڪيتريون آهن.

اولهه پاڪستان جي حڪم نامي نمبر XIX مجريه 1965 جي دفعه نمبر 120 ۾ تبديلي.
Amendment of section

5. تبديل ٿيندڙ حڪم نامي جي دفعه 120 لاءِ هن کي نعم البدل رکيو ويندو:

(1) روڊ تي هلندڙ گاڏين لاءِ آفيسرن يا ممتحنن جي مقرري. (Appointment of motor Vehicles officers or examiners): هن حڪم نامي جي مختلف پهلوئن کي موثر نموني لاڳو ڪرڻ لاءِ سرڪار موٽر وهيڪل آفيسر يا ممتحن طور مقرر ڪري

120 of West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

سگهي ٿي، جيڪي ٽرانسپورٽ ڊپارٽمينٽ ( Transport Department) جي ماتحتيءَ ۾ خدمتون سرانجام ڏيندا.

(2) هن ڪانپوءِ پوليس ڪاتي وارا سمورا موٽر وهيڪل آفيسر يا ممتحن پنهنجي مالي منظورين (budgetary allocations)، اثاثن ۽ مالي ذميوارين (liabilities) سميت ٽرانسپورٽ ڊپارٽمينٽ ڏانهن بدلي ٿي ويندا.

اولهه پاڪستان جي حڪم نامي XIX مجريه 1965 جي ٻارهين جدول ۾ تبديلي.

Amendment of Twelfth Schedule of West Pakistan Ordinance No. XIX of 1965.

6. تبديل ٿيندڙ حڪم نامي جي ٻارنهين گوشواري ( Twelfth Schedule) لاءِ هي نعم البدل ٿيندو:

ٻارهون گوشوارو

(ڏسو دفعه 116-A)

ڀاڱو- I

ڀڃڪڙيون

| سيريل نمبر | ڀڃڪڙيون | ڏنڊ (روپيہ) |
|---|---|---|
| .1 | مقرر ڪيل رفتار کان ٽپي وڃڻ | 400 |
| .2 | اجازت ڏنل تعداد کان مٿي عوام لاءِ هلندڙ گاڏين ۾ مسافر کڻڻ. | 300 |
| .3 | بتين يا هٿن واري ٽريفڪ سگنلن (Traffic) جي ڀڃڪڙي ڪرڻ | 400 |
| .4 | عوام لاءِ هلندڙ مال ڍوئيندڙ گاڏين ۾ گهٽو بار کڻڻ | 1000 |
| .5 | منع ٿيل هنڌن تان زوريءَ اڳ ونڻ | 300 |
| .6 | ٻين گاڏين کي رستي جي حق ڏيڻ ۾ ڪوتاهي | 300 |

| | | |
|---|---|---|
| | ڪرڻ | |
| 7. | هنگامي مقصدن وارين گاڏين لاءِ رستي رنڊڪ وجهڻ | 300 |
| 8. | مال ڍوئيندڙ گاڏين ۾ اهڙو مال پرڻ جنهن جي اجائي وڏيڪ ٿولهه ويڪر هجي ۽ ان لاءِ منع ڪيل هجي. | 1000 |
| 9. | روشنيءَ جي مناسب بندوبست کانسواءِ رات جو گاڏي هلائڻ | 500 |
| 10. | روڊ جي غلط پاسي کان گاڏي هلائڻ | 500 |
| 11. | ٽريفڪ سگنلن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ | 300 |
| 12. | غلط طريقي سان ريل جي رستي تان گذرڻ | 400 |
| 13. | اڳئين گاڏيءَ کي سوڙهه ڪرڻ يا ڏاڍو تڪڙو اڳ وٺڻ | 150 |
| 14. | اهڙن شيشن واري گاڏي هلائڻ، جنهن جا شيشا ڍڪيل هجن يا جن مان اندر ويٺلن کي ڏسڻ ۾ ڏکيائي ٿئي. | 1000 |
| 15. | ٽريفڪ جي قطار توڙي اڳتي وڏي اچڻ | 400 |
| 16. | ٻيءَ ٽريفڪ کي سڌي ۽ تيز روشنيءَ کان نه بچائڻ | 300 |
| 17. | هڪ طرفي رستي (One Way) جي ڀڃڪڙي ڪري گاڏي ان تي هلائڻ | 150 |
| 18. | تجويز ڪيل طريقي جي برعڪس پاسو وٺڻ لاءِ نشاندهي ڪندڙ بتي (indicator) ڪم آڻڻ | 300 |
| 19. | منع ٿيل هنڌ تي گاڏي هلائڻ | 150 |
| 20. | مال کي اڻنگهي نموني سان سٽي رکڻ يا ڪٽڻ | 1000 |
| 21. | مقرر ٿيل وقتن تي لائيٽ (light) نه ٻارڻ | 150 |

| | | |
|---|---|---|
| 300 | ٽريفڪ ۾ اٽڪاءُ وجهڻ | .22 |
| 150 | گهٽ رفتار وارين نشانين تي عمل نه ڪرڻ | .23 |
| 150 | حفاظتي ٽوپلي ڪانسواءِ موٽرسائيڪل هلائڻ | .24 |
| 1000 | اسڪولي بس کي گذرڻ لاءِ سهولت نه ڏيڻ | .25 |
| 300 | منع ٿيل هنڌن تان گاڏي موڙڻ | .26 |
| 300 | سيڪڙات ڊرائيورن جو بچاءُ نه ڪرڻ | .27 |
| 300 | پانڌيئڙن کي رستو نه ڏيڻ | .28 |
| 400 | ڪوتاهيءَ ۽ بي ڌيانيءَ سان گاڏي هلائڻ | .29 |
| 1000 | ڊرائيونگ ليسن ڪانسواءِ گاڏي هلائڻ | .30 |
| 500 | اها گاڏي هلائڻ جنهن جو سرڪاري طور اندراج (Registration) ٿيل نه هجي. | .31 |
| 500 | ويمو نه ٿيل گاڏي هلائڻ | .32 |
| 150 | ناقص يا بغير رفتار- ڏسٽو (speed meter) گاڏي هلائڻ | .33 |
| 1000 | مسافرن واريءَ گاڏي ۾ خطرناڪ صورت ۾ مسافر ڪٽڻ | .34 |
| 300 | خطرناڪ طريقي سان گاڏيءَ جو در کولڻ | .35 |
| 150 | غلط رستي کان گاڏي موڙڻ | .36 |
| 1000 | غلط دڳ تي گاڏي هلائڻ | .37 |
| 450 | جتي هارن وڄائڻ منع هجي اتي زور سان وڄائڻ | .38 |
| 300 | غلط طريقي سان ابتو گاڏيءَ کي ورائڻ | .39 |
| 300 | چوڻ باوجود لائيسنس نه ڏيکارڻ | .40 |
| 300 | ٽريفڪ پوليس جي چوڻ باوجود گاڏي نه روڪڻ | .41 |

| | | |
|---|---|---|
| .42 | گاڏي هلائڻ–لائق واري سرٽيفڪيٽ ڪانسواءِ يا ان جي مدي ختم ٿيڻ باوجود گاڏي هلائڻ | 2000 |
| .43 | تجويز ڪيل بار ڪان وڌيڪ بار ڪٽي گاڏي هلائڻ | 300 |
| .44 | غير محفوظ حيثيت واري گاڏي هلائڻ | 500 |
| .45 | پريشر، موسيقي وارو هارن وڄائڻ/فينسي لائٽن جو استعمال | 1000 |
| .46 | قانوني پيچڪڙي ڪندي گاڏي هلائڻ | 500 |
| .47 | ڊونهون ڇڏيندڙ گاڏي هلائڻ | 1000 |
| .48 | ڪم–عمريءَ ۾ گاڏي هلائڻ | 500 |
| .49 | وري وري ساڳيون پيچڪڙيون ڪرڻ | 2000 |
| .50 | ڪنهن به پيچڪڙيءَ ڪي گهٽ ڇاڻ | 100 |
| .51 | رستي تي گاڏي هلائڻ واري اجازت نامي ( route permit) ڪانسواءِ، يا ان جي تاريخ گذري وڃڻ ڪانپوءِ ان رستي تي گاڏي هلائڻ | 2000 |
| .52 | قانوني ضابطن نمبر 42 ۽ 51 جي وري وري پيچڪڙي ڪندي گاڏي هلائڻ | 2000 |

**بحڪم**

اسپيڪر صوبائي اسيمبلي سنڌ-

جي-ايم-عمر فاروق

سيڪريٽري صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽ:– ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.